SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1984

# سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 7 جي ترميم

Amendment of Section 7 of Sindh Act XIV of 1973

3. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 8 جي ترميم

Amendment of Section 8 of Sindh Act XIV of 1973

4. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 9 جي ترميم

Amendment of Section 9 of Sindh Act XIV of 1973

5. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 11 جي ترميم

Amendment of Section 11 of Sindh Act XIV of 1973

6. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 12 جي ترميم

Amendment of Section 12 of Sindh Act XIV of 1973

7. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 18 جي ترميم

Amendment of Section 18 of Sindh Act XIV of 1973

8. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 22 جي ترميم

Amendment of Section 22 of Sindh Act XIV of 1973

9. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 23 جي ترميم

Amendment of Section 23 of Sindh Act XIV of 1973

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIII مجريه 1984

# SINDH ORDINANCE NO.XIII OF 1984

# سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH CIVIL SERVANTS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[17 سيپٽمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ثابت ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سرڪاري ملازم (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جولاءِ 1983 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي

2. سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ، 1973 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ جاٽايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 7 جي

دفعہ 7 جي ترميم

Amendment of Section 7 of Sindh Act XIV of 1973

ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن "يا گريڊ" کي ختم ڪيو ويندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 8 جي ترميم

Amendment of Section 8 of Sindh Act XIV of 1973

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 8 ۾:

(a) ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظ "گريڊ" جتي بہ اچي، لفظ "آسامي" سان متبادل بڻايو ويندو؛

(b) ذيلي دفعہ (2) ۽ ذيلي دفعہ (3) ۾ لفظ "گريڊ" کي لفظ "ڪيڊر" سان متبادل بڻايو ويندو؛ ۽

(c) ذيلي دفعہ (4) ۽ شرطيہ بيان لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(4) پوسٽ، سروس يا ڪيڊر ۾ سينيارٽي جنهن تي سرڪاري ملازم کي ترقي ڏني وئي آهي، اها اهڙي سرڪاري ملازم جي ان پوسٽ، سروس يا ڪيڊر تي ريگيولر مقرري واري تاريخ کان ڳڻي ويندي:

بشرطيڪ جيڪي سرڪاري ملازم هڪ بيچ ۾ اعليٰ عهدي تي ترقي لاءِ چونڊيو ويو آهي، ان جي اعليٰ عهدي تي ترقي باوجود هيٺين عهدي جي انٽر سينيارٽي برقرار رهندي."

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 9 جي ترميم

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 9 جي ذيلي دفعہ (1) ۾:

(i) آرٽيڪل "a" ۽ لفظ "عهدو" وچ ۾ لفظ "اعليٰ" کي شامل ڪيو ويندو؛ ۽

Amendment of Section 9 of Sindh Act XIV of 1973

(ii) لفظن "جو اعليٰ گريڊ" کي ختم ڪيو ويندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 11 جي ترميم

Amendment of Section 11 of Sindh Act XIV of 1973

5. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 11 ۾، لفظ "گريڊ" جتي بہ اچي لفظ "سروس" سان متبادل بڻايو ويندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 12 جي ترميم

Amendment of Section 12 of Sindh Act XIV of 1973

6. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 12 ۾:

(i) مارجينل هيڊنگ ۾، لفظن "سروس لاءِ گريڊ" کي لفظ "عهدو" سان متبادل بڻايو ويندو؛

(ii) بہ دفعا ايندڙ لفظن "يا گريڊ" کي ختم ڪيو ويندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 18 جي ترميم

Amendment of

7. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 18 ۾ شرطيہ بيان ۾ لفظ "يا گريڊ" جتي بہ اچن انهن کي ختم ڪيو ويندو.

Section 18 of Sindh Act XIV of 1973

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 22 جي ترميم

Amendment of Section 22 of Sindh Act XIV of 1973

8. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 22 ۾، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

(بينوويلنٽ فنڊ گروپ انشورنس)

“22. سمورا سرڪاري ملازم ۽ انهن جي ڪٽنبن کي سنڌ گورنمينٽ بينوويلنٽ فنڊ آرڊيننس، 1960 ۽ سنڌ سول سرونٽس ويلفيئر فنڊ، 1979 ۽ اهڙي سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن تحت فائدا ڏنا ويندا.”.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XIV جي دفعہ 23 جي ترميم

Amendment of Section 23 of Sindh Act XIV of 1973

9. چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 23 ۾، ذيلي دفعہ (2) جي شرطيہ بيان ۾ لفظن “يا گريڊ” کي ختم ڪيو ويندو.

**نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**